احسان دانش

# سچل سرمست جي سُر سسئيءَ جو سماجي اڀياس


## Abstract:

**SOCIAL STUDY OF SACHAL SARMAST'S SUR SASUEE**

*The greater part of the research work done about the bold classical poet of Sindh; Sachal Sarmast is the explanation of the propagation of his ideas which show his boldness and straightforwardness. Special emphasis has been laid on the section of his poetry which is the true picture of his indifference towards the dogmatic norms of society. Sachal's slogan, 'I am the Truth' is very essential to the definition of his thought and he truly deserves to be called the 'Mansoor of his Age'. It is high time the social impact of his poetry is studied and its importance is understood.  Sur Susuee in Sachal Sarmast's Sindhi poetry has not been given the attention it deserves, so far. In this research article, this writer has tried to initiate the critical study of Sur Sasuee from the social point of view with the hope that some other scholars and researchers will continue this research work.*


**سنڌي** اساسي شاعري پنهنجي فڪري ۽ موضوعي جهان ۾ ڏاڍي وسيع آهي. قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ ساميءَ جهڙن شاعرن جو ڪلام ڪٿي صنفي يڪ رنگي، ته ڪٿي موضوعي هڪ جهڙائي سبب صدين کان سنڌي ماڻهن جي ذهنن ۽ دلين تي اثر وڌو آهي. اسان جي انهن ڪلاسيڪي شاعرن جو لب ۽ لهجو ڀلي هڪ ٻئي کان مختلف ئي ڇو نه هجي، پر سندن سنيهو ساڳيو آهي. هنن پنهنجي شاعريءَ ۾ ميٺ، محبت، امن، انسانيت ۽ ڀائيچاري جي پرچار ڪئي آهي ۽ مذهبي تنگ نظري، انتهاپسندي ۽ بنياد پرستيءَ کان ڪوهين ڏور رهيا آهن. سندن اها پرچار ئي اسان کي اصل ۾ سنڌي قوم جو فڪري منشور محسوس ٿئي ٿي. اسان جي عالمن سالن کان انهن ڪلاسيڪي شاعرن جي عظمت جا ڳڻ ڳاتا آهن، پر منهنجي خيال ۾ سندن ڪلام جي هڪ رخي مطالعي سبب اڄا سندن اها اهميت اجاگر نه ٿي سگهي آهي، جنهن جا هو مستحق آهن. پر جس آهي انهن عالمن ۽ محققن کي جن انهن شاعرن جي ڪلام جي فقط صوفي فڪر جي پچار کان پري رهندي سندن ڪلام جي سماجي ڪارج تي قلم ڪنئيون آهي. اهڙن ئي عالمن ۾ محمد ابراهيم جويي جو نالو نهايت اهميت وارو آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب ”شاهه، سچل سامي“ ۾ ٽنهي





شاعرن جي ڪلام بابت همعصر اديبن کان مختلف ۽ ڪارائتي ڏيندي لکيو آهي ته، ”شاهه، سچل ۽ سامي، عظمت جي صحيح معنيٰ ۾ سنڌي سماج جا عظيم ماڻهو آهن. اهي سنڌي سماج جي هڪ وڏي بُحراني دور جي پيداوار آهن. هو ذهني (روحاني) دنيا جا عظيم تخليقڪار آهن. هو پنهنجي ڏات ۽ ڏاتاريءَ ٻنهي ۾ بي مثل ۽ بي بدل آهن. هو سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب آهن. هو مفڪر به، شاعر به، فنڪار به هئا. هو ٻين لاءِ جيئندڙ، عام مفاد لاءِ لڇندڙ ۽ سڄي پنهنجي زندگي هڪ ئي مقصد لاءِ پاڻ پچائيندڙ ۽ هڪ ئي آدرش جا فدائي هئا.“[1] تڏهن ئي هنن پنهنجي ڪلام ۾ امن، آجپي، انسان جي ڀلائي، انسان دوستي ۽ نيڪيءَ جو پيغام ڏنو آهي. جويو صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته، ”هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ ڪين عملي راهه ڏيکاري۔ قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت، رواداري ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قربانيءَ جي راهه. هنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو، ۽ هنن وٽ ان خواب جي تڪميل جو رستو به هو. ڀائِپي ۽ ويڇي کي هٽائڻ جو، پنهنجن کي پنهنجو ڪرڻ جو، ٻڌِي ۽ ايڪتا جو، سچ، نيڪِي ۽ سونهن کي پاڻ ارپڻ ۽ انهن تان پاڻ نڇاور ڪرڻ جو، سچي ماڻهپي جو، ماڻهوءَ جي مريادا ۽ مانَ ۽ ماڻهوءَ جي شيوا ۽ پيار جو، انساني تهذيب جي عروج ۾ پنهنجي حصي جي فرض ادا ڪرڻ جو، عالمي امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو.“[2] سنڌ جي مذڪوره ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ انساني ڀلائي، مذهبي رواداري، عدم تشدد، سماجي ترقي جهڙا موضوع موجود آهن، پر بد قسمتيءَ سان انهن پهلوئن تي تمام ٿورن محققن قلم ڪنئون آهي. اسان جي ڪلاسيڪل شاعرن ”پنهنجي شاعريءَ ذريعي بني نوع انسان جي وچ ۾ منافرت، نفاق، منافقي ۽ ڪم ظرفيءَ بدران محبت، اتفاق، سچائي ۽ اعليٰ ظرفيءَ کي فروغ ڏنو آهي. انسان دوستي ۽ روشن خيالي، سيڪيولر سوچ واري متي سان امن آشتيءَ جي تبليغ ڪئي ۽ مختلف مذهبن ۽ مسلڪن جي ماڻهن کي پاڻ ۾ امن ۽ رواداريءَ جي قدرن سان رهڻ جو درس ڏنو ۽ صحيح معنيٰ ۾ ”جيئو ۽ جيئڻ ڏيو“ جو متو سمجهايو. جيڪو نه صرف سندن پنهنجي پنهنجي دور ۾ سچو هو، پر اڄوڪي پُر آشوب ۽ پريشان دور ۾ رهڻ وارن ماڻهن لاءِ به اوترو ئي Relevant ۽ سچو آهي.“[3]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ جي بيباڪ ڪلاسيڪي شاعر سچل سرمست جي شاعريءَ جي حوالي سان به هن وقت تائين جيترو تحقيقي ڪم ٿيو آهي، ان جو گهڻو حصو ان فڪري پرچار جي تشريح ۽ توضيح تي مشتمل آهي، جنهن تحت سچل جي سرمستي عيان ٿئي ٿي. يعني سندس اهڙي ڪلام تي گهڻي روشني وڌي وئي آهي، جنهن منجهان سندس رندي، مستي ۽ بيباڪي جهلڪي ٿي. ٻين لفظن ۾ اسان اجا سندس انا الحق واري نعري جي اسرار مان نڪري نہ سگهيا آهيون. سچل سائين جو انا الحق وارو نعرو بيشڪ اهميت وارو آهي ۽ سندس بابت منصور ثاني وارو تصور بہ بجا طور درست آهي. جنهن جي ثبوت طور سندس هي هڪ سٽ ئي ڪافي آهي تہ:

**منصوريءَ جي موج ۾، ٿو انا الحق الايان**

سچوءَ عشق جو جام پي مستيءَ ڪان سرمستيءَ جي ڪيفيت ۽ وجدانيت جي عالم ۾ جيڪو حق جو نعرو بلند ڪندي، منصور هلاج ۽ بايزيد بسطاميءَ واري راهہ اختيار ڪئي ان تي انيڪ عالمن اعليٰ درجي جا علمي مقالا لکيا آهن ۽ سندس سرمستيءَ واري فلسفي تي ڳالهايو آهي، پر هن وقت تائين سندس شاعريءَ جا اهي رخ ان پرپوريت سان روشن نہ ٿي سگهيا آهن، جيڪي ان جذب ۽ ڪيف واري ڏارا ڪان ڌار آهن ۽ اهڙو ڪلام جنهن جي فلاسافي ڀٽائيءَ جي ڪلام ۽ پيغام جو تسلسل پڻ ڀاسي ٿي. سچل سائينءَ جي سنڌي ڪلام ۾ شامل سُر سسئي بہ جنهن توجہ ۽ تحقيق جو گهرجائو آهي. عالمن جي ابتدائي ڪوشش باوجود ڪيس اجا اهو توجہ نہ ملي سگهيو آهي. مون هن مقالي ۾ سچل سائينءَ جي سُر سسئيءَ جي سماجي اڀياس جي سلسلي ۾ ان اميد تي هڪ وک کڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ ان وک کي اسان جا عالم ضرور اڳتي وڌائيندا.

سنڌي ڪلاسيڪي داستانن ۾ سسئي پنهون جو داستان نهايت اهم آهي. ان جي اهميت جا ڪيئي ڪارڻ آهن، پر هن داستان جو سڀ ڪان اهم پهلو آهي: هڪ نبل ۽ ڪمزور عورت جو تڪليفن وارو سفر طئي ڪري پنهنجي محبوب سان اٽوٽ محبت جو سبق ڏيڻ. انهيءَ هڪڙي نڪتي کي سامهون رکندي، اسان جي ڪيترن ئي ڪلاسيڪي شاعرن ان داستان ۾ ڪوڙين رنگ ڀريا آهن. اهڙو سڀ ڪان وڏو رنگريز شاهہ لطيف آهي، جنهن پنهنجي رسالي جا پورا پنج سُر هن ڪلاسيڪي داستان کي ارپي ان جي اهميت اجاگر ڪئي آهي. ڀٽائي ڪان پوءِ بہ ڪيترن ئي شاعرن ان داستان جا خد و خال

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





پنهنجي پنهنجي انداز سان ظاهر ڪيا آهن. سچل سائين بہ پنهنجي سنڌي رسالي ۾ يارنهن داستانن جي بيتن ۽ ڪافين توڙي جهولڻي جي پنجاهہ بيتن وسيلي هن داستان جي الڳ الڳ رخن تي روشني وڌي آهي. سچل سائين، ڀٽائيءَ جي انهي راهہ جو پانڌيئڙو آهي، جنهن تحت ڪنهن بہ داستان کي قصي جيان ترتيبوار بيان ڪرڻ بدران داستان جي اهم واقعن ۽ ڪردارن جي ڪيفيتن کي بيان ڪيو ويندو آهي. ان طرح ڪلام جي حسن ۾ هيڪاندو اضافو ٿئي ٿو. ڪنهن داستان يا جنگ وغيره جو بيان هڪ ترتيب ۽ تسلسل سان بيان ڪرڻ لاءِ شاعريءَ ۾ مثنويءَ جي صنف موجود آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي رزميہ ۽ رومانوي داستانن کي مثنويءَ جي انداز ۾ پڻ لکيو ويو آهي. سچل سائين، سسئيءَ واري داستان کي بيت، ڪافي ۽ جهولڻي جي صنفن ۾ بيان ڪيو آهي، تنهن ڪري ان ۾ داستان جي ترتيبوار هجڻ جو شرط لاڳو نہ آهي.

سچل سائينءَ جي سُر سسئيءَ ۾ جيڪي ٽي شعري صنفون موجود آهن، هتي مون انهن مان رڳو سچوءَ جي بيتن کي اڀياس هيٺ آندو آهي. سرمست جي سُر سسئيءَ جي الڳ الڳ داستانن جي فڪري ۽ موضوعي تاجي پيٽي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن ۾ سسئي پنهون جي داستان کي گهڻ رخي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي: هڪ سرسري نظر ۾ حاوي فڪر ۽ موضوعن جي حوالي سان ڏسندا سين تہ **داستان پهرين** ۾ سسئيءَ جي بيوسي ۽ بي حاليءَ جو بيان، پنهونءَ سان ملڻ جي خواهش ۽ سڪَ توڙي وندر ووڙڻ جون ڳالهيون شامل آهن. **داستان ٻئي** ۾ سسئي قربانيءَ جي جذبي سان لبريز نظر اچي ٿي. هوءَ پنهنجي ڪوتاهي ۽ ڪمزوريءَ جو اعتراف ڪري ٿي ۽ پنهونءَ ڪان ٻاجهہ جي طلبگار آهي. هن داستان ۾ سچوءَ سسئيءَ جي پڇتاءَ جا هٽ مهٽڻ، پنهل لاءِ دانهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ، ڪيچ ڏانهن پنڌ ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ جهڙا موضوع شامل ڪيا آهن. **داستان ٽئين** ۾ ڏک ۽ درد جي پچار آهي ۽ سُک تي ڏک کي ترجيح ڏنل آهي. **داستان چوٿين** ۾ جستجو جو سنيهو ملي ٿو. پنهونءَ لاءِ فطري تڙپ، لوڇ ۽ درد جي لذت پڻ هن داستان جا اهم موضوع آهن. **داستان پنجين** ۾ ڪيچ مڪران ڪان آيل قافلي جي خوشيءَ جو منظر سسئيءَ جي سرهائيءَ جو باعث بڻجي ٿو ۽ جڏهن اهو قافلو پنهونءَ کي پاڻ سان وني وڃي ٿو تہ سسئي وڇوڙي جا نوحا ڳائڻ لڳي ٿي. هن داستان ۾ سچل سائين پنهل جي سار ۽ سسئيءَ جي ڏيرن جي ساٿس ڪيل ويساهہ گهاتيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. **داستان ڇهين** ۾ سسئيءَ جي شڪستگيءَ جا احساسَ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پنھونءَ جي واپسيءَ جي آسَ ۽ پاھٽي پنڌ ۽ پياسَ جھڙا موضوع موجود آھن. هن داستان ۾ سسئي پنھنجي پنھل سان اٽوٽ رشتي کي وري وري ورجايو آھي ۽ خواهش ڏيکاري آھي تہ، پلي ڪائنس سارو جڳ وسري وڃي، پر سندس پنھل ڪيس هر پل ياد هجي ۽ سندس اھا بہ آس آھي تہ، هن وانگر سندس محبوب بہ ڪيس ساريندو رهي. هن داستان ۾ سرمست سچل سسئيءَ جي غفلت واري ننڊ جو پڻ نتيجو ظاهر ڪيو آھي ۽ سورمي پنھنجي خطا کي دل سان قبول ڪيو آھي. مسلسل ڳولا کان پوءِ ٻن وجودن جو هڪ ٿي وڃڻ وارو فڪر ۽ فلسفو پڻ هن داستان جو اهم پھلو آھي. **داستان ستين ۾** سسئي سپ ميارون پاڻ ڏي ڪندي، پنھنجي پيتار لاءِ سڪي ۽ سُڏڪي ٿي ۽ خواهش ظاهر ڪري ٿي تہ، محبوب سان ملڻ بنان شل سري مان ساھ نہ وڃي. هن داستان ۾ سچل سائين سورميءَ جي راھ ۾ ايندڙ خطرن کي بيان ڪيو آھي. سسئيءَ جا پنھونءَ سان شڪوه ۽ شڪايتون پڻ هن داستان جو موضوع آھن. سچل سائين هن داستان ۾ سسئيءَ جي پنھل سان ملڻ واري احساس کي بہ سھڻي نموني بيان ڪيو آھي. **داستان اٺين ۾** سچل سائين منزل جي جستجو ۾ ملندڙ موت کي امرتا ڄاڻڻ واري عالمي نظريي کي پيش ڪيو آھي. پنھونءَ سان سُپنڊ، عشق جي آڳ، مارڳ کي منزل ڄاڻڻ جھڙا موضوع هن داستان ۾ موجود آھن. **داستان نائين ۾** سھڻي سچل ورھ ۽ وڇوڙي جي ماريل سسئيءَ کي جدائيءَ جي غم کي طاقت بڻائڻ جو ڏس ڏنو آھي ۽ سندس زباني بلوچ جي برھ مان راحت ملڻ واري احساس کي بيان ڪيو آھي. هن داستان ۾ ٻڌايل آھي تہ، عشق جو پنڌ عجيب آھي، ان واٽ تي رڳو پيرن سان پنڌ نہ ڪبو آھي، پر هنئين سان بہ هلڻو پوندو آھي. سچ جو سندرو ٻڌڻ، سپرين کي سارڻ ۽ سندس ڳڻ ڳائڻ وارو ورجاءُ هن داستان ۾ پڻ ملي ٿو. **داستان ڏهين ۾** بہ پرين جي سار جو سلسلو موجود آھي. هن داستان ۾ سچل سائين سسئيءَ کي پورهيت ڪري ڪوٺيو آھي ۽ ان پورهيت جي دلي تمنا آھي تہ، جيڪر سندس محبوب ڪيچ مڪران ۾ بہ ڪيس ياد ڪندو هجي ۽ ساڻس ملڻ جي خواهش ڪري. هن داستان ۾ سرمست محب ۽ محبوب جي ميلاپ جي سرهائيءَ واري احساس کي بہ بھترين نموني بيان ڪيو آھي. **داستان يارنھين ۾** سچل سائين سجاڳيءَ جي اهميت کي پڌرو ڪندي، سسئيءَ جي غفلت واري ننڊ جي خراب نتيجي جو افسوس ظاهر ڪيو آھي ۽ ڪيس جابلو پنڌ ڪرڻ ۽ جدوجهد لاءِ اتساهيندي رستي جي تڪليفن کي نظر انداز ڪرڻ جو سبق ڏنو آھي. غم کي خوشي ڄاڻڻ وارو





فلسفو بہ هن داستان جو اهم نڪتو آھي.

مٿي بيان ڪيل داستانن جي جدا جدا واقعن، پھلوئن ۽ سسئيءَ جي ڪيفيتن کي ترتيب ڏبو تہ ڳالھ ڪجھ هن ريت ٿيندي تہ، پنھون سسئيءَ جي سونھن تي هرکي مٿس مهربان ٿيو ۽ ڏوٻياڻيءَ سان نينھن جو ناتو جوڙيو. اجا محبت جون ميخون مضبوط پئي ٿيون، تہ سسئيءَ جا ڏير پنھونءَ کي ڪيچ ڪڍي ويا. وچ ۾ آئي غفلت واري ننڊ، جنھن سسئيءَ جا ڇيھ ڇڇي وڌا ۽ سورن ۾ ساماٻل سسئيءَ جي سر تان سُک جي ڇانوَ هٽي وئي. پوءِ هيون رڳو آھون ۽ دانهون. ويچاريءَ جو درد پِرايو، تنھن سندس اکين مان جرُ جاري ڪري وڌو ۽ پشيماني جا هٿ مهٽڻ لڳي. جڏهن پنھون بنان ڪيس ڀنڀور شھر ٻي چسو ٿي پاسيو، تڏهن تنھا ڳولا جي رڻ ۾ نڪري پئي ۽ جبل جھاڳڻ ۽ وندر وڙڻ لڳي. هن جي اندر ۾ وهمن ۽ وسوسن جا وڻ وڌي وڏا ٿي ويا، خوف ۽ پريشاني، آس ۽ نراس، ڏک ۽ خوشيءَ وارن گڏيل احساسن سان هوءَ ڪيچ ڏانھن ڪاهيندي رهي ۽ ايئن منجھس جوش ۽ ولولو، همت ۽ حوصلو وڌندو رهيو ۽ رستي کي ئي منزل ڄاڻي اڳتي وڌندي رهي، نيٺ آخر منجھس اهو احساس بہ وڌندي محسوس ٿيو تہ هوءَ جنھن محبوب جي تلاش ۾ آھي، سو تہ سندس ئي اندر ۾ موجود آھي.

پنھون پنھون ٿي ڪريان، آءٌ پڻ پنھون پاڻ،
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي.
(داستان ڇهون)

جان پروڙيم پاڻ کي، تان آءٌ پنھون آھيان،
ڪنھين طرف ڪاهيان، جو طرف مڙئي تَمَ ٿيا.
(داستان ڇهون)

سسئي پنھونءَ جي داستان جا علامتي ۽ سماجي پھلو نھايت اهم آھن. سسئي ظاهري طور ڪمزور هجڻ باوجود هن داستان جو هڪ ارڏو ڪردار آھي، جنھن کي سچوءَ همت ۽ حوصلي جي علامت طور پيش ڪيو آھي. سچل سائين بہ پڻائي جي "**ووءِ ووءِ ڪندي وت متان ووءِ وسارين**" واري وائي ورجائيندي سسئيءَ جي زباني فرمائي ٿو:

هيءَ هيءَ ڪارڻ هوتَ، ڏونگر ڏورڻ آئيا،
ميان! تائين موت، وءِ وءِ تان نہ وساريان.
(داستان پيو)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

وڃ وڃ تان مَ وسار، متان ماٺ ڪري وهين،
ٽيو پُرُ تَنهين پار، جاتي ٻئو ناهه ڪو.
(داستان ٻيو)

”پنهل جي جدائيءَ ڪان پوءِ سسئيءَ جي حياتي سڄو سور بڻجي پئي هئي ۽ هوءَ پنهل جي تلاش ۾ نڪري پئي. ٻپ ۽ ونڊر جي ور وڪڙن، پٿريلن رستن سندس پير پٿون ڪري ڇڏيا. واڻن تي پنهل کي پڪاريندي وڃ وڃ پئي ڪندي رهي.“(4)

روئي هاريان رت، وڃ وڃ واٽڙين تي،
جيڏيون ڪارڻ جت، سارو ونڊر ووڙيان.
(داستان ٻارهون)

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو زندگيءَ جو مقصد ۽ منزل ماڻڻ ڪان پوءِ پنهنجي غلطي جي ڪري ان ڪاميابيءَ کي هٿان وڃائي ويهندو آهي. سسئيءَ سان بہ ڪجهہ ايئن ئي ٿيو هو. پنهونءَ جو پيار ماڻڻ ۽ ساٿس لانئون لهڻ ڪان پوءِ هن هٿاران جا خطا ٿي، ان جي پنيان سندس غفلت شامل هئي ۽ غفلت هڪ منفي سماجي قدر آهي. هن سُر ۾ سچل سائين غفلت کي وڏو عيب ڄاڻائيندي، سُڄاڳيءَ تي زور ڏنو آهي. اهڙي طرح محبت ۽ قرباني جهڙن مثبت سماجي قدرن کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. سسئيءَ جي اندر پنهنجي پنهل تان قربان ٿيڻ جو جذبو اتم درجي موجود هيو ۽ هوءَ پنهنجي پرينءَ مٿان جان گهورڻ لاءِ تيار هئي.

ڪوڙيين قرباني، ٿيان هوت پنهونءَ تان،
ساهه سري صدقي ڪريان، سندن مهماني،
هي جوين جواني، تي اجائي گذري.
(داستان ٻيو)

سسئي جنهن راهه تي رمي رهي هئي، تنهن ۾ ڪيئي خطرا موجود هيا. هڪ پاسي خطرناڪ جانور موجود هيا، تہ ٻئي پاسي غارن ۾ ٻجڙيون بلائون لڪل هيون ۽ اهي سڀ هن مسڪين کي مارڻ لاءِ آتيون هيون، پر هوءَ پرينءَ جي عشق ۾ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئي، تنهن ڪري هوءَ اهڙن خطرن ڪان بي خوف اڳتي وڌندي رهي.

ڪاف ڪشالا ڪيترا، جت جانارن جايون،
غفائن غارن ۾، اُت بيحد بَلائون،





مانديءَ کي مارڻ لاءِ، نِڪتيون نِنايون.
مون سِرَ تي سهايون، سڀُ آريءَ سندي عشق ۾.
(داستان اٺون)

سسئيءَ جو ڪردار انسان جي فطري تقاضائن مطابق ڪٿي ڪٿي خوف، وسوسن، اميد ۽ نااميدي جي لاهن چاڙهن ۽ اهڙين ٻين مختلف ڪيفيتن مان بہ گذري ٿو، پر انهن ڪيفيتن مان گذرندي، اهو ڪردار پنهنجي اندر جيڪو جوش ۽ ولولو پيدا ڪري ٿو، اهو سماج لاءِ اتساهہ پيدا ڪري ٿو ۽ مايوسي ۽ ناڪاميءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل ماڻهن کي حوصلو ڏئي ٿو. ان ڪردار منجهان پنهنجي مقصد سان سچو هجڻ ۽ ڏکين حالتن ۾ بہ ثابت قدم رهڻ جو پيغام بہ ملي ٿو ۽ سسئيءَ جو مقصد ۽ منزل پنهونءَ سان ميلو هيو. تنهن ڪري، هوءَ ٿڌيون ڇانئون ۽ سُکَ تياڳي، خوفن ۽ خطرن کي ڳلي لائي رڻ جي راهي بڻجي پند ڪرڻ لڳي ۽ ڏرتتي ۽ لُڪن ۾ آڏن ٽيڏن لَڪن منجهہ پنهون کي پڪاريندي رهي. ڇو تہ، هن جو پنهنجي محبوب سان جنم جنم جو رشتو هيو، تنهن ڪري هوءَ پنيور ۾ ڪانئس جدا گهارڻ جو سوچي ئي نہ پئي سگهي.

متان وهين ماٺ ۾، منجهہ جلديءَ جُلُ،
هتي ويهہ نہ هَلُ، تان کي پُڄين پند کي.
(داستان ٻيو)

گهٽا ڏينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏونگرين،
جي مون سڏ ڪيا، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين.
(داستان ڇهون)

منهنجو پيچ پنهونءَ سان، ازل لاڪون آهہ،
هاٿي ويهڻ چاهہ، پينر هن پنيور ۾.
(داستان ڇهون)

ڪريان ڪوهہ پنيور ۾، پُڄاڻان پرين،
وارُ نہ سي ويهن، جنين مٿي مامرو.
(داستان ڇهون)

حقيقت ۾ سسئي هن داستان جو هڪ مظلوم ڪردار آهي. مظلومن تي حاڪمن جا ظلم ڪا نئين ڳالهہ ناهي. سسئي پنهونءَ جي وني هئي ۽ هڪ ونيءَ ڪان ورُ ڇنڻ يقيناً هڪ وڏو ظلم آهي. سچل جي ڪلام ۾ ان ظلم ۽ زياديتيءَ تي سورميءَ جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زباني آه زاري ڪرايل آهي ۽ هوءَ گهڙي گهڙي پئي ڏيرن کي ڏوراپا ڏئي، پر ڪيس پتو هيو تہ انهن ڏکن ڏوراپن مان ڪجھ ورڻو ناهي، تنهن ڪري ڏکن کي سيني لائي تلاشِ يار ۾ ڏونگر ڏورڻ لڳي، ڇو تہ ڪيس پتو هيو تہ **"ڏونگر منجهان ڏسُ، پونديم هوت پنهونءَ جو"**. تنهن ڪري جڏهن جتن جو قافلو ڪيچ ڏانهن روانو ٿيو، تہ هوءَ انهن جا پيرا ڪڍڻ لڳي. پنهونءَ جي سڪ هن کي سمهڻ نہ ڏنو. هوءَ پنهنجي ڪانڌ کي حاصل ڪرڻ واري حق لاءِ لڪَ لتاڙيندي رهي، برھ جي باھ سندس اندر رک ڪري ڇڏيو هو. هن اهو پاهڻي پنڌ ڪندي، بہ ان آس ۾ اميد جو دامن هٿان نہ ڇڏيو هيو تہ سندس پنهل مٿس پنهنجي ٻاجھ جي نظر ضرور ڪندو.

ويم نڪري قافلو، آءٌ پڻ ڪٽان پيرَ،
ڏُک ڏيئي ويا ڏيرَ، مانَ ٻاروچو ٻاجھ ڪري.

ڪري ڏمر ڏير، اُٺي آڏي رات ويا،
تون ڪٽي وقت صبوح جي، پيراڏن جان پيرَ،
هو ڍڪيو ساٺ سوير، وڃي ڪيچ وڻن ۾.

(داستان ڏهون)

ڪوڙين آهن ڪيترا، راهن اُتي رُڪَ،
هَي هَي ڪارڻ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريان.

(داستان يارهون)

ويٺي ورھ وسائيان، ڪانڌَ، اچي لَھ ڪَلَ،
جاني تُنهن جي جَلَ، منهنجو اندر اڌ ڪيو.

(داستان پنجون)

سچل سائين جو دور سنڌ مٿان تاريخي جبر ۽ استبداد جو تسلسل هيو. ان وقت سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي ڇڪتاڻ عروج تي هئي. اهو طبقاتي اوچ نيچ ۽ مذهبي جنونيت وارو دور هيو ۽ ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ مٿا هيا. جاگيردار ۽ هاري وارو تضاد زورن تي هيو. دولت، طاقت ۽ اقتدار جي نشي ۾ غلطان ڏاڍن مڙسن لاءِ غريب ۽ پورهيت ماڻهن جا حق غصب ڪرڻ ۽ ساڻن ظلم ۽ زياديتون ڪرڻ معمول جي ڳالهہ هئي. سچل سائين هڪ سجاڳ ذهن شاعر هيو ۽ هو پنهنجي دور ۽ تاريخ کان چڱيءَ پر واقف هيو، ڪيس پنهنجي دور ۽ هم عصر دور جي سياسي، سماجي، معاشي ۽ مذهبي اٿل پٿل جي ڄاڻ هئي. هن





پنهنجي دور جي حالتن کي مد نظر رکندي، پنهنجي پيش رو شاھ لطيف جي واٽ ورتي ۽ سماج جي هيٺي طبقي لاءِ سسئيءَ جي ڪردار کي همت ۽ حوصلي جي علامت طور اپاريو. جهڙي ريت پٽائي سسئيءَ جي زباني **"آڏو ٽڪر ٽرُ، مٿان روھ رتيون ٽئين"** جهڙي سٽ اسان جي سماج ۾ ڪمزور سمجهي ويندڙ عورت جي واتان چوائي عزم ۽ همت جو عظيم مثال ڏنو، تهڙي ريت سچل سائين بہ ان بهادر سورميءَ جي واتان **"اُٺي ڪمر ٻڌ، لوچ تہ لهين سپرين"** جهڙا الفاظ چوائي جدوجهد جو اعليٰ سنيهو ڏنو آهي.

موهن جي دڙي جي عظيم تهذيب جي وارث سنڌ جي دياوان ڌرتي جنهن عورت کي ديويءَ جو درجو ڏيندي Mother Goddess بڻايو، انهيءَ پونءِ دنيا جي ٻين تهذيبن، مذهبن، رسمن ۽ رواجن جو اثر قبوليندي، جڏهن مرد کي عورت کان اعليٰ ۽ ارفع بڻايو تہ سماج ۾ تضادن جنم ورتو ۽ عورت ديويءَ مان پير جي جُتي بڻجي وئي ۽ مرد ڪڏهن سندس جسماني ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي، ڪيس ظلم جو نشانو بڻايو تہ ڪڏهن پنهنجن هٿ ٺوڪين اصولن جي سوريءَ تي چاڙهي ڪيس هيچ ۽ نيچ ڏيکاريو. سسئي بہ اهڙي ئي مرداڻي سماج ۾ جنم ورتو هيو. "سسئي ڄمندي ئي مرداڻي سماج جي ڪُڌين روايتن جو ٻَڪُ بڻي. نائون مل (سسئيءَ جو پيءُ) جي معاشري محض انهيءَ ڪري قبول نہ ڪيو، جو هڪ جوتشي (مرد) هن جو سڱ ڪنهن غير قوم جي مرد سان ٿيڻ جي اڳ ڪٿي ڪئي هئي. محمد ڪٽي (سندس پاليندڙ پيءُ) ڪيس انهيءَ ڪري پنهل سان نہ پئي پرڻايو، جو اهو سندن ڪڙم يا نک مان نہ هو. پنهونءَ سان لانئون لهڻ بعد ساڻس ڏيرن جا ڏُک ۽ ويساھ گهاتيون شروع ٿي ويون. پنهونءَ ڏانهن ڪيچ ويندي ڪو بہ مرد ساڻس ساٿي ڪونہ بڻيو. اڪيلي عورت پهڻن جا پنڌ ڪندي، هاڙهي ڏونگر ۾ آيل پنهوار نالي ٻڪرار (جيڪو پڻ مرد هيو) جي ڪُڌي خواهش کان پاڻ بچائيندي، پهاڙي غارن ۾ ٽپو ڏئي، پنهنجو انت آندو. اها آهي مرداڻي سماج جي گهڙيل روايتن جي ڪهاڻي، جنهن عورت جي راھ ۾ ڪٿي رڪاوٽون وڌيون تہ ڪٿي انهن کي آزاد ۽ ڇڙواڳ ڇڏيو. جيئن سماج کي ڏوهاري عورت ئي نظر اچي."(5) اسان جي صوفي شاعرن سماجي روين ۽ مرداڻي سماج جي هٿ ٺوڪين اصولن سان بغاوت ڪندي عورت جي عظمت جا گيت ڳاتا آهن. سسئي جڏهن پختي عزم ۽ ارادي سان پنهنجي منزل جي تلاش ۾ اڳتي وڌي ٿي، تہ ان پل نہ تہ ڪيس پنهنجي جسماني ڪمزوري ۽ نزاڪت ياد اچي ٿي ۽ نہ ئي رڃ، سج ۽ پهاڙن جا پنڌ ۽ تڪليفون نظر اچن ٿيون. هوءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مرداڻي سماج ۾ ڪنهن مرد جي سهاري ڪان سواءِ پنهنجي محبوب جي تلاش ۾ جڏهن پيرين پنڌ نڪري ٿي، تہ انسان هجڻ ناتي رستي جون مشڪلاتون بہ يقيناً ڪيس تڪليف ۾ مبتلا ڪن ٿيون. پر "سسئيءَ جي پنهل لاءِ پريت ايتري تہ پڪي آهي، جو هوءَ سرتين جا سهما، ماٽهن جا مهڻا ۽ ڏونگر جا ڏاڍ سڀ سهڻ لاءِ تيار آهي، هوءَ ورهہ ۾ وياڪل آهي ۽ ڪانڌ جي ڪَل لهڻ جي آسري ۾ آهي."(6) لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ سسئيءَ جي زباني چيو آهي تہ، **"مون سين هلي سا، جا جيءُ مٿو نہ ڪري."** ۽ سچل سائين وري ساڳي سسئيءَ جي زباني فرمائي ٿو:

مارڳ مٿانهون ٿيو، مارڳ چڙهي ڪير؟
سا پُڇي ساٿ سوير، جائي مارڳ تي مري.
(داستان ائون)

يعني اهو پنڌ موت جو پنڌ هيو، ان ڪري اهو انهن ڪان زور هيو جن کي جان پياري هئي. سسئي تہ پنهنجي پنهل جي عشق ۾ اهڙي نموني غرق هئي، جو سندس تلاش ڪندي، ڪيس پنهنجي جان جو سودو بہ سستو پئي لڳو، تڏهن ئي تہ چيائين تہ:

مارڳ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون،
هوت هھڙي حال، مانَ مٿان مون هٿ ڏئي.
(داستان ائون)

سسئي پنهنجين تڪليفن ۽ ڏکن کي ئي جڏهن پنهنجي طاقت بڻائي ٿي، تہ اهو ئي مرداڻو سماج حيرتن جي سمنڊ ۾ ٻڏي وڃي ٿو.

گوندر ڪيئن گهاريان، جنهن ڪيس سينڌي سڄڻين،
جان تِڪ پئي توريان، تان ڏک موچارا سُک ڪئون.
(داستان ٽيون)

سارو لوڪ سُکن، پوءِ رهايو پرينءَ ڪئون،
ڏسو واه ڏکن، هوتُ وهاريو هنج ۾.
(داستان ٽيون)

چڱو گوندر غمُ، جي مون پُڇو جيڏيون،
منجھ ڪشالي ڪمُ، آهي ورھ وارئين.
(داستان چوٿون)





ڪرشن ڪٽواڻيءَ لکيو آهي تہ، "اهي انسان جي سستن سُکن مان خوشي پائين ٿا، زندگيءَ ۾ اونهو ڪونہ ٿا وڃن. ڪجھ بہ پائڻ ايترو سنهجو نہ آهي. زندگي هڪ ڳولها آهي. راهہ تي ڏک ڏاڪڙا سَهڻا آهن. ڏکن کي ولوڙي انهن مان سچي سُک جو مکڻ ڪڍڻو آهي."(7) شاهہ لطيف پنهنجي رسالي ۾ ڏکن کي سُکن جي سونهن سڏيو آهي ۽ سسئيءَ جي زباني فرمايو آهي: **"ڏيڪاريس ڏکن، گوندر گسُ پرين جو"**، جيڪي ماڻهو ڏکن جي ڏونگرن کي ڪکرن جيان کُلهن تي کڻڻ جو هنر ڄاڻن ٿا، اهي ڪڏهن بہ غمناڪ نہ ٿا رهن پر غم سندن رهنما بڻجن ٿا ۽ اهي هميشہ ڏکن جي آرسيءَ ۾ سُکن جو چهرو پسن ٿا. ڏک ۽ درد ڪاميابيءَ جو رستو ڏسين ٿا. هوءَ بہ مشڪلاتن ۽ تڪليفن ڪان سواءِ منزل ملڻ محال هوندي آهي. سچل سائين جو سسئيءَ جي زباني ڏکن کي سکن ڪان موچارو چوائڻ يا اهو چوڻ تہ، **"ڏسو واه ڏکن، هوتُ وهاريو هنج ۾"** اصل ۾ درد ۽ اذيت ڪان پوءِ ملندڙ ڪاميابيءَ ڏانهن اشارو آهي ۽ ان پنيان وسيع پيماني تي ڏسبو تہ، دراصل سچوءَ جو مقصد هي آهي، تہ جيڪو سماج ڏک کي سگھ بڻائڻ جو حوصلو رکندو آهي، اهو ئي انقلابن کي جنم ڏيندو آهي ۽ منزلون ماڻيندو آهي. تنهن ڪري سچل سائين جي سُر سسئيءَ جون هي سٽون بہ وري وري پڙهڻ جي ضرورت آهي.

ڏکن منجهان سُکَ، مون تا لڌا جيڏيون،
ڏوريندي کي ڏُکَ، سونهان ٿيڙا سڄڻان.
(داستان ٽيون)

## حوالا


1. جويو، محمد ابراهيم، ’شاهہ سچل سامي‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1990ع، ص:31-32
2. ساڳيو ص: 90.
3. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’اديون آءُ اڃاڻ‘، ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2012ع، ص: 129-130.
4. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر. ’عرفانِ سچل‘، سچل ادبي مرڪز پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، 2013ع، ص:38.
5. قناصرو، منظور احمد، ’سُر ڪوهياري‘، مقالو: سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’سُر ڪوهياري ۽ سنڌي سماج جا رويا‘، ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2007ع، ص:63.
6. مورائي، رڪيل، (مرتب)، ’سنڌ جو سرمست‘، مقالو: موتي پرڪاش، ڊاڪٽر، ’سچل جي شعر ۾ عورت جو روپ‘، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومتِ سنڌ، 2009ع، ص: 138.
7. گل، اياز (مرتب)، ’آشڪار 3‘، مقالو: ڪرشن ڪٽواڻي، ’سچل جي شاعريءَ ۾ انسان جو تصور‘، سچل چيئر، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور، 1993ع، ص: 65.


**نوٽ:** سمورا بيتَ عثمان علي انصاري جي ترتيب ڏنل "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" مان ورتل آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair